صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

# سچو قرآن حضور جي نعت آهي

14-October-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

14 آڪٽوبر 2021ع پاڪستان جي هفتيواراجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# سچو قرآن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نعت آهي

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

❖... علمِ غيبِ مصطفيٰ

❖... حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو حڪم مڃڻ فرض آهي

❖... خدا چاهي ٿو رضاءِ محمد

❖... حوضِ ڪوثر ڪنهن ڪي نصيب ٿيندو؟

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# سچو قرآن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نعت آهي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي سعادت ملي، اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، نيت دل جي ارادي ڪي چوندا آهن، دل ئي ۾ نيت ڪري وٺو تہ مان اعتڪاف سان آهيان، توهان معتڪف ٿئي ويا. دل ۾ نيت هوندي زبان سان بہ چئي وٺو: مون سُنت اعتڪاف جي نيّت ڪئي. ان شاءالله الڪريم! جيسيتائين مسجد ۾ رهندؤ نفل اعتڪاف جو ثواب بہ ملندو رهندو.

## دُرُود شريف جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! درود شريف پڙهڻ جون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن، قلم لکي لکي گسي ختم ٿي سگهن ٿا، انهن سيني قلمن جي روشنائي تہ ختم ٿي سگهي ٿي، بيان جا الفاظ بہ ختم ٿي سگهن ٿا، پر حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود ۽ سلام جو احاطو نٿو ٿي سگهي. يادڪو! دورد پاڪ هڪ اهڙو عمل آهي جو خود ربُّ العزت بہ ڪندو آهي. جيئن قرآن ڪريم ۾ سيپاري 22 سُورة احزاب آيت نمبر 56 ۾ ارشاد باري تعالٰي آهي:

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوۡنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا صَلُّوۡا عَلَيۡهِ وَسَلِّمُوۡا تَسۡلِيۡمًا ﴿۵۶﴾

**ترجمو ڪنزُالايمان:** بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ درود موڪلين ٿا هن نبي (غيب

ٻڌائيندڙ) تي اي ايمان وارؤ! ان (محبوب) تي درود پڙهو خوب سلام موڪليو.

(پ22،الاحزاب:56)

**اي عاشقانِ رسول:** خبر پئي ته ❖ الله پاڪ ۽ ان جا ملائڪ نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي درود موڪليندا آهن. ❖ هي آيتِ مبارڪ سيدالمرسلين صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي صريح نعت آهي. ❖ اها به خبر پئي ته الله پاڪ پنهنجي حبيب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي رحمت نازل فرمائيندو آهي ۽ ملائڪ به پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حق ۾ دعاءِ رحمت ڪندا آهن. ❖ هن آيت ۾ ايمان وارن کي پياري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي درود ۽ سلام موڪلڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ❖ اهو به معلوم ٿيو ته جيڪڏهن ڪو ڪم اهڙو آهي جيڪو الله پاڪ جو به هجي، ملائڪ به ڪندا هجن ۽ مسلمانن کي به ان جو حڪم ڏنو ويو هجي ته اهو صرف ۽ صرف آقاءِ دوعالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف موڪلڻ آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: "اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ" يعني چڱي نِيّت انسان کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي. (جامع صَغِير ، صفحه:557، حديث : 9326)

**اي عاشقانِ رسول!** هر ڪم کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بڻايو، بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! ❖ علم دين سکڻ جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ خوب توجهه سان ٻڌندس ❖ جيڪو ٻڌندس، اُن تي عمل جي ڪوشش به ڪندس، ❖ علمِ دين سکي ڪري، ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمائيندس.

اچھی اچھی نیّتوں کا ہو خدا جذبہ عطا　　بندۂ مخلص بنا، کر عفو میری ہر خطا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي اڄ جي بيان جو موضوع آهي ”سچو قرآن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نعت آهي“ جنهن ۾ اسان حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صاحب خلقِ عظيم جي شان ۽ عظمت، فضائل ۽ برڪات ۽ اهي خوبيون جيڪي قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيون ويون آهن، مثال طور قرآن ڪريم ۾ ڪٿي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي شفاعت ڪرڻ وارو فرمايو ويو ته ڪٿي سندن کي سِراجاً مُّنيرًا(يعني چمڪندڙ سج) فرمايو ويو. ڪٿي سندن کي يٰس ۽ طٰهٰ فرمايو ويو ته ڪٿي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مزّمّل ۽ مُدّثّر فرمايو ويو، مطلب ته الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي جن بيشمار وصفن ۽ خاصيتن سان نوازيو آهي، انهن جي باري ۾ ٻڌنداسين.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اچو! عظمتِ مصطفيٰ سان معمور ڪجھ واقعا ٻڌون ٿا، پوءِ انهن جي متعلق قرآني آيتون ۽ انهن جي تفسير جا مدني گل به ٻڌون ٿا:

## يَارَسُوْلَ اللّٰه اُنظُرحَالَنا

جڏهن حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي ڪجھ تعليم ۽ تلقين فرمائيندا هئا ته اهي ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ عرض ڪندا ها. ”رَاعِنَا يَارَسُوْلَ الله“ هن جملي جي معنيٰ هي هئي ته يارسول الله! صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان جي حال تي رعايت فرمايو يعني ڪلامِ اقدس کي چڱي طرح سمجھڻ جو موقعو ڏيو. يهودين جي لغت ۾ اهو ڪلمو بي ادبي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو هو ۽ انهن انهيءَ بري نيت سان چوڻ شرع ڪري ڏنو. حضرت سعد بن معاذ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ يهودين جي اصطلاح کان واقف هو. پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ هڪ ڏينهن اهو ڪلمو انهن جي زبان مان ٻڌي فرمايو: اي دشمنانِ خدا! توهان تي الله جي لعنت هجي، جيڪڏهن مون هاڻي ڪنهن جي زبان مان اهو ڪلمو ٻڌو ته ان جو ڪنڌ لاهي ڇڏيندس. يهودين چيو: اسان تي ته توهان ڪاوڙ ڪري رهيا آهيو جڏهن ته مسلمان به ته اهو چون

ٿاءِ ان تي پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ رنجيده ٿي ڪري سرڪارِ دوعالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيا ئي هئا تہ هي آيتِ ڪريمہ نازل ٿي جنهن ۾ ”راعنا“ چوڻ کان منع ڪيو ويو ۽ هن معنٰي جو ٻيو لفظ ”انظرنا“ چوڻ جو حڪم ٿيو. (قرطبی، البقرة، تحت الآية: ۱۰۴، ۱/۴۴-۴۵، الجزء الثانی، تفسير کبير، البقرة، تحت الآية: ۱۰۴، ۱/۶۳۴، تفسير عزيزی(مترجم)۲/۶۶۹، ملتقطاً)

جيئن تہ سيپاري 1 سُورَةُ البقرة جي آيت نمبر 104 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَ قُوْلُوا انْظُرْنَا وَاسْمَعُوْا ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۰۴﴾

(پ 1 البقرة 104)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ راعنا (جو لفظ عرض ۾) نہ چئو ۽ عرض ڪريو تہ آقا اسان تي نظر رکو ۽ (پهريائين) غور سان ٻڌو ۽ ڪافرن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان تفسيرِ صراط الجنان ۾ لکيل ڪجهہ علمي فائده خدمت ۾ پيش آهن:

(1) انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي تعظيم ۽ توقير ۽ انهن جي حضور ۾ ادب جو لحاظ رکڻ فرض آهي ۽ جنهن ڪلمي ۾ ترڪِ ادب جو معمولي بہ انديشو هجي اهو زبان تي آڻڻ ممنوع آهي.

(2) اهي الفاظ جن جا ٻہ معنٰي هجن، سُٺا ۽ برا ۽ لفظ ادا ڪرڻ ۾ اُن بُري معنيٰ جي طرف بہ ذهن ويندو هجي تہ اهو بہ الله پاڪ ۽ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ نہ استعمال ڪيو وڃي.

(3) اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضور پرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ جو ادب ربُّ الْعَامِين پاڻ سيکاري ٿو ۽ تعظيم جي متعلق احڪام پاڻ جاري فرمائي ٿو.

(4) هن آيت ڪريمہ ۾ هن ڳالھ جي طرف اشارو آهي تہ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي حضور ۾ بي ادبي ڪفر آهي

جڏهن تہ مشهور مفسرِ قرآن، حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيتِ مبارڪہ

جي حوالي سان فرمائن ٿا: سُبحان الله! ڇا ته محبوب جي عظمت ثابت ٿي جو پروردگارِ عالم کي پنهنجي محبوب جي شان ايتري قدر وڏائڻ منظور آهي جو ڪنهن کي اهڙي ڳالهه چوڻ جي اجازت نٿو ڏئي ته جنهن ڪلمي سان بڻي ڪي بدگماني جو موقعو ملي. (شانِ حبيب الرحمان ، ص٣٦)

يَارَسُوْلَ اللهِ اُنْظُرْ حَالَنَا طالبِ نظرِ کرم بدکار ہے
يَاحَبِيْبَ اللهِ اِسمَعْ قَالَنَا اِلتجاء يا سَيِّدَ الْاَبْرار ہے
اِنَّنِیْ فِیْ بَحرِ هَمٍّ مُّغْرَقٌ ناؤ ڈانواں ڈول در منجدھار ہے
خُذْبِیَدِیْ سَهِّلْ لَّنَا اَشْکَالَنَا نا خُدا آؤ تو بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## علمِ غيب مصطفٰي

**اي عاشقانِ ميلاد!** اچو هڪ ٻيو واقعو، آيتِ مبارڪه، ان جو شانِ نزول ۽ تفسير ٻڌون ٿا: جيئن هڪ ڀيري تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو ته ”منهنجي امت جي پيدائش کان پهريان جڏهن منهنجي امت مٽي جي شڪل ۾ هئي، ان وقت اها منهنجي سامهون پنهنجي صورتن ۾ پيش ڪئي وئي جيئن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام تي پيش ڪئي وئي ۽ مونکي علم ڏنو ويو ته ڪير انهن مان مون تي ايمان آڻيندو ۽ ڪير ڪفر ڪندو. اها خبر جڏهن منافقن وٽ پهتي ته انهن مذاق ڪندي چيو ته محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو گمان آهي ته اهي هي ڄاڻين ٿا ته جيڪي ماڻهو اڃان پيدا به ناهن ٿيا، انهن مان ڪير انهن تي ايمان آڻيندو ۽ ڪير ڪفر ڪندو، جڏهن ته اسان انهن سان گڏ رهون ٿا ۽ هو اسان کي سُڃاڻن نٿا. ان تي حضور سيدالمرسلين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منبر تي تشريف فرما ٿيا ۽ الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء ڪانپوءِ فرمايو: انهن ماڻهن جو ڇا حال آهي جيڪي منهنجي علم تي اعتراض ڪن ٿا، اڄ کان قيامت تائين جيڪو ڪجهه ٿيڻ وارو آهي، انهن مان ڪا شيءِ اهڙي ناهي جنهن جو توهان مون کان سُوال ڪيو ۽ مان توهان کي ان جي خبر نه ڏيان. حضرت عبدالله بن حُذافه

سهمي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اٿي بيهي عرض ڪيو: يارسول الله! صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ منهنجو پيءُ ڪير آهي؟ ارشاد فرمايو: حذافہ پوءِ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اٿي عرض ڪيو: يارسول الله! صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اسان الله پاڪ جي ربوبيت تي راضي ٿياسين، اسلام جي دين هئڻ تي راضي ٿياسين، قرآن جي امام ۽ پيشوا هئڻ تي راضي ٿياسين، اوهان جي نبي هئڻ تي راضي ٿياسين، اسان اوهان کان مُعافي ٿا گهرون. تاجدارِ رسالت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا توهان رڪجي ويندؤ؟ ڇا توهان رڪجي ويندؤ؟ پوءِ منبر تان لٿا، ان تي الله پاڪ هي آيت نازل فرمائي.(خازن، آل عمران، تحت الآية: ۱۷۹، ۱/۳۲۸)

مَا كَانَ اللّٰهُ لِيَذَرَ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلٰى مَاۤ اَنْتُمْ عَلَيْهِ حَتّٰى يَمِيْزَ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ ؕ وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۪ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ ۚ وَ اِنْ تُؤْمِنُوْا وَ تَتَّقُوْا فَلَكُمْ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۷۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** الله مسلمانن کي ان حال تي ڇڏڻ وارو ناهي جنهن تي اوهان آهيو تان جو ڪِني کي سُٺي کان جدا نہ ڪري ۽ الله جو هي شان ناهي جو اي عام انسانو! اوهان کي غيب جو علم ڏئي ڇڏي ها، الله پنهنجن رسولن مان جنهن کي گهرندو تنهن کي چوندبندو آهي تنهن ڪري الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ جيڪڏهن ايمان آڻيندا ۽ پرهيزگار ٿيندا تہ اوهان لاءِ وڏو ثواب آهي. (پ4 آل عمران:179)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان مشهور مفسرِ قرآن حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جيڪي نڪات بيان ڪيا آهن، اچو! انهن مان ڪجهہ ٻڌون ٿا:

(1) هڪ ڳالهہ هي بہ معلوم ٿي تہ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي علمِ غيب تي اعتراض ڪرڻ ۽ اهو چوڻ تہ (انهن کي) فلاڻي شيءِ جو علم نہ هو، سراسر منافقن جو طريقو آهي.

(2) مسلمانن تي فرض آهي تہ سرڪار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي تمام اوصافِ حميده کي بنا بحث ۽ مباحثي جي مڃن.

(3) ربّ ڪريم اسان جي آقا ڪريم و مولا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي قيامت تائين جي

هرهر شيءِ جو علم عطا فرمايو چوته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو ته جيڪو چاهيو پڇو! ۽ اها ڳالهه اهو چئي سگهي ٿو جنهن جو علم مڪمل هجي.

(4) قيامت تائين ايمان آڻڻ وارا، ايمان نه آڻڻ وارا ۽ منافق سڀ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي علم ۾ آهن. (شانِ حبيب الرحمان، ص۵۴،۵۵ ماخوذاً) امامِ اهلسنت، عاشقِ ماهِ رسالت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي نعتيه ديوان ”حدائقِ بخشش“ ۾ لکن ٿا:

مولیٰ کو قول و قائل و ہر خشک و تر کی ہے — کہنا نہ کہنے والے تھے جب سے تو اطلاع
تفصیل جس میں مَا عَبَرَ و مَا غَبَرَ کی ہے — اُن پر کتاب اُتری بَیَانًا لِّکُلِّ شَیْءٍ

شعرن جو خلاصو: يعني اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان اها آهي ته گفتگو ڪرڻ واري گفتگو اجان ڪئي ئي نه هئي پر آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ان ڳالهه جي به پهريان کان خبر هئي ۽ گفتگو ڪرڻ واري کان به واقف هئا، سندن جي شان اها آهي جو ڪائنات جي هر خشڪ ۽ تر کي ڄاڻن ٿا. ۽ الله ڪريم انهن کي قرآن ڪريم جي صورت ۾ اهڙي عظيم ڪتاب عطا فرمائي آهي جو جنهن ۾ هر شيءِ جو واضع بيان موجود آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو حڪم مڃڻ فرض آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! هڪ ٻيو واقعو، آيتِ ڪريمه، شانِ نزول ۽ تفسير سان ٻڌون ٿا:

مديني وارا! جبلن تان ايندڙ پاڻي مان باغن جو ريج ڪندا هئا، اُتي هڪ انصاري جو حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان هن ڳالهه تي جهڳڙو ٿي پيو ته پهريان مان پنهنجي زمين کي پاڻي ڏيندس. اهو معاملو حبيبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويو. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: اي

زبير! تون پنهنجي باغ کي پاڻي ڏئي پنهنجي پاڙيسري جي طرف پاڻي ڇوڙي ڇڏ. حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي پهريان پاڻي جي اجازت انڪري ڏني وئي جو انهن جي زمين پاڻي جي ويجهو هئي، ان جي باوجود سرڪار دوعالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ انصاري سان بہ احسان ڪرڻ جو فرمائي ڇڏيو، پر مجموعي فيصلو انصاري کي ڏکيو لڳو ۽ ان جي زبان مان هيءَ ڪلمو نڪتو تہ زبير(رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) اوهان جو ڀڦات آهي. باوجود ان جي تہ فيصلي ۾ حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي انصاري سان احسان جي هدايت فرمائي وئي هئي، پر انصاريءَ ان جي قدر نہ ڪئي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو تہ پنهنجي باغ کي سيراب ڪري پاڻي روڪي ڇڏيو. ان تي هي آيتِ ڪريمہ نازل ٿي. (بخاری، کتاب الصلح، باب اذا اشار الامام بالصلح۔۔۔ الخ، ۲۱۵/۲، الحدیث: ۲۷۰۸ از تفسیر صراط الجنان، ۲۳۹/۲ )

الله پاڪ سيپاري 5 سورة النسا آيت نمبر 65 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَلَا وَ رَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ فِيْمَا شَجَرَ

**ترجمو ڪنزُ الايمان:** تہ اي محبوب تنهنجي رب جو قسم اهي مسلمان نہ ٿيندا جيسيتائين پنهنجي جهيڙن ۾ توکي حاڪم نہ بنائن پوءِ جو ڪجهہ تون حڪم فرمائين پنهنجي دلين ۾ ان بابت رڪاوٽ نہ سمجهن. (پ5، النساء:65)

هن آيتِ مبارڪ جي حوالي سان تفسير صراط الجنان ۾ جيڪي مدني گل لکيل آهن، اچو! انهن مان ڪجهہ ٻڌون ٿا: (1) هن آيتِ ڪريمہ ۾ الله پاڪ پنهنجي رب هئڻ جي نسبت پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي طرف فرمائي ۽ فرمايو: اي حبيب! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ تنهنجي رب جو قسم. هي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي عظيم شان آهي جو الله پاڪ پنهنجي پهچان پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي ذريعي سان ڪرائي ٿو.

(2) (الله پاڪ) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو حڪم مڃڻ فرض قرار ڏنو ۽ ان ڳالهہ

کي پنهنجي رب هئڻ جي قسم سان پختو ڪيو.

(3) (الله پاڪ) حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو حڪم مڃڻ کان انڪار ڪرڻ واري کي ڪافر قرار ڏنو.

(4) رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو حڪم دل ۽ جان سان مڃڻ ضروري آهي ۽ انهن جي باري ۾ دل ۾ به ڪا رڪاوٽ نه هئڻ گهرجي. انهيءَ ڪري آيت جي آخر ۾ فرمايو ته پوءِ پنهنجي دلين ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حڪم جي متعلق ڪا رڪاوٽ نه لهو ۽ دل و جان سان تسليم ڪيو.

(5) هن مان اهو به معلوم ٿيو ته اسلامي احڪام جو مڃڻ فرض آهي ۽ انهن کي نه مڃڻ ڪفر آهي پڻ انهن تي اعتراض ڪرڻ. مذاق اڏائڻ ڪفر آهي.
(از تفسیرِ صراط الجنان، ۲۳۹/۲و ۲۴۰)

میں تو مالک ہی کہوں گا کہ ہو مالک کے حبیب　　یعنی محبوب و مُحِبّ میں نہیں میرا تیرا
(حدائقِ بخشش،ص۱۶)

**مختصر وضاحت:** يعني اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چو ته تمام جهان جي خالق ۽ مالڪ جا حبيب آهن، ايئن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تمام جهانن جا مالڪ ٿيا. چو ته محب جي هرشيءِ محبوب ئي جي هوندي آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خدا چاهي ٿو رضاءِ محمد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو هڪ ٻيو واقعو ۽ آيتِ ڪريمه شانِ نزول تفسير سان ٻڌون ٿا:

جيئن تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي ته جڏهن حضور اقدس صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مدينه منوره ۾ تشريف کڻي آيا ته انهن کي بيت المقدس جي طرف منهن ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي حڪم جي

پيروي ڪندي نمازون ادا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. البت حضور پرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي قلبِ اطهر جي خواهش هئي تہ خانہ ڪعبہ کي مسلمانن جو قبلو بنايو وڃي. تہ هڪ ڏينهن نماز جي حالت ۾ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ هن اميد سان هر هر آسمان جي طرف ڏسي رهيا هئا تہ قبلي جي تبديلي جو حڪم اچي، ان تي نماز جي دوران هي آيتِ ڪريمہ نازل ٿئي جنهن ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي رضا کي رضاءِ الٰهي قرار ڏيندي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي چهرهءِ انور جي حسين انداز کي قرآن ۾ بيان ڪندي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي خواهش ۽ خوشي جي مطابق ڪعبي شريف کي قبلو بڻايو ويو. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ نماز ئي جي حالت ۾ خانہ ڪعبہ جي طرف ڦريا، مسلمان بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ انهيءَ طرف منهن ڪيو ۽ ظهر جون بہ رڪعتون بيت المقدس جي طرف ٿيون ۽ بہ رڪعتون خانہ ڪعبہ جي طرف منهن ڪري ادا ڪيون ويون. تفسير صراط الجنان، ١/٢٣٣ ملتقطاً)

اها آيتِ ڪريمہ جيڪا نازل ٿي اها هي آهي:

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۪ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ حَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: اسان توهان جو هرهر آسمان ڏانهن منهن ڪرڻ ڏسي رهيا آهيون، پوءِ جنهن قبلي ۾ توهان راضي هجو (اوڏانهن) ضرور اوهان کي ڦيرائينداسين، هاڻي ئي تعظيم واري مسجد جي طرف پنهنجو منهن ڦيرايو ۽ (اي مسلمانو!) اوهان ڪٿي بہ هجو پنهنجا منهن اوڏانهن ڦيرايو. (پ:2،البقرة:144)

مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان جيڪي نڪتا بيان ڪيا آهن، اچو انهن مان ڪجھ ٻڌون ٿا:

(1) هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ تمام ماڻهو قانون جا پابند هوندا آهن ۽ قانون محبوب جي مرضي جو منتظر آهي

(2) ڪعبي کي جيڪا اها عزت ملي تہ تمام اولياء، غوثن ۽ قطبن ان جي طرف ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا اها محبوب جي صدقي سان ملي، انهن جي مرضيءَ ڪعبي کي قيامت تائين جي لاءِ قبلو بڻائي ڇڏيو. (شانِ حبيب الرحمان،ص۴۲)

آپ کا چاہا ربّ کا چاہا　　ربّ کا چاہا آپ کا چاہا
ربّ سے ایسی چاہت والے　　تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام
ربّ کے پیارے راج دُلارے　　ہم ہیں تمہارے تم ہو ہمارے
اے دامانِ رحمت والے　　تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام
(سامانِ بخشش، ص۸۹-۹۰)

## سڀ ڪثرت مان ئي ٿا

اي عاشقانِ رسول! هاڻي اسان ڪجھ واقعا، آيتون، تفسيري نڪات ۽ شان نزول جا واقعا ٻڌا، جن مان هر جڳهہ سرورِ دوعالم، نورمجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ظاهر ٿي رهي آهي، هن ۾ شڪ ناهي تہ جيڪڏهن قرآنِ ڪريم کي محبتِ رسول جي نظر سان ڏٺو وڃي تہ سڄي جو سڄو قرآن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نعت آهي، اچو! انهن جون وڏيڪ جهلڪيون ملاحظہ ڪيون ٿا.

الله پاڪ سيپاري 30 سوره ڪوثر آيت نمبر 1 ۾ هن طرح ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّاۤ اَعْطَیْنٰكَ الْكَوْثَرَؕ(۱)

تَرجمو ڪنزُالايمان: اي محبوب بيشڪ اسان توکي بي شُمار خوبيون عطا ڪيون آهن.
(پ۳۰، الکوثر:۱)

حضرت علامہ مولانا مفتي محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت سڳوري جي حوالي سان فرمائن ٿا: (اي محبوب بيشڪ اسان توهان کي اڻ ڳڻ خوبيون عطا ڪيون آهن) ۽ کوڙ فضيلتون عنايت ڪري سڀ مخلوق تي

(توهان کي) افضل ڪيو، حُسنِ ظاهر بہ ڏنو، باطني حُسن بہ (عطا فرمايو)، نسبِ عالي بہ (ڏنو)، نبوت (جو اعليٰ رتبو) بہ، ڪتاب بہ (عطا فرمايو ۽)، حڪمت بہ، (سڀ کان وڏيڪ) علم بہ (ڏنو ۽) (سڀ کان پهريان) شفاعت (ڪرڻ جو اختيار) بہ، حوضِ ڪوثر (جهڙي عظيم نعمت) بہ (ڏني ۽) مقامِ محمود بہ، ڪثرتِ اُمّت بہ (اوهان جو حصو آهي ۽) دين جي دشمن تي غلبو بہ (اوهان کي عطا ڪيو) ۽ بي شمار نعمتون ۽ فضيلتون (اوهان کي اهڙيون عطا فرمايون) جن جي انتها ناهي. (خزائن العرفان،ص:۱۱۲۲،ملخصاً)

انهيءَ ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪندي امامِ اهلسنت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

رزق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں ‏‏ قاسم ہیں یہ مُعطِی ہے ربّ

ساری کثرت پاتے یہ ہیں ‏‏ اِنَّآ اَعْطَیْنٰكَ الْكَوْثَر

(الاستمداد،ص۶)

## حوضِ ڪوثر ڪنهن کي نصيب ٿيندو؟

سُبْحٰنَ اللّٰـہ! اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي گهڻو ڪجهہ عطا ڪيو ويو ۽ گهڻو ڪجهہ عطا ڪيو ويندو. اچو ٻڌون ٿا تہ حوضِ ڪوثر ڇا آهي! اللّٰه پاڪ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هڪ حوض عطا فرمايو آهي جنهن جو پاڻي کير کا وڌيڪ اڇو، ماکيءَ کان وڌيڪ مٺو، مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار آهي. جيڪو هڪ ڀيرو پيئندو وري ڪڏهن پياسو(اُڃارو) نہ رهندو، حضور اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن سان پنهنجي امت کي سيراب فرمائيندا. (ڪتاب العقائد، ص 38 ملخصًا)

قيامت جي ڏينهن جڏهن نَفسا نفسيءَ جو عالم هوندو ۽ گرميءَ جي شدت سبب ماڻهن جون زبانون سڪي ڪري ڪَنڊا ٻڻجي چڪيون هونديون اهڙي وقت ۾ اهي ماڻهو خوش نصيب هوندا جن کي اللّٰه پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حوضِ ڪوثر سان سيراب ڪندو. روايتن ۾ اهڙين نيڪين جو بيان موجود آهي جن جي برڪت سان ڪوثر جو جام نصيب ٿيندو، انهن

روايتن جو خلاصو هي آهي تہ ❖ آبِ ڪوثر ان ڪي نصيب ٿيندو جيڪو درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪرڻ وارو هوندو❖ آبِ ڪوثر ان ڪي نصيب ٿيندو جيڪو روزيدار ڪي ڪاڏو ڪارائڻ وارو هوندو ❖ آبِ ڪوثر ان ڪي نصيب ٿيندو جيڪو غير ضروري گفتگو کان بچندو هوندو ❖ آبِ ڪوثر ان ڪي نصيب ٿيندو جيڪو راهِ خدا جي مسافرن ڪي پاڻي پيئارڻ وارو هوندو. (ماہنامہ فيضانِ مدينہ صفرالمظفر ۱۴۴۱ھ، ص۲۱ ملخصاً و ماخوذاً)

ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا پیتے ہم ہیں پلاتے یہ ہیں

(الاستمداد، ص۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تنهنجي چمڪندڙ چهري جو قسم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان قرآنِ ڪريم ۾ بيان ڪيل حضور نبي رحمت، شفيعِ امّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعريف ۽ اوصاف جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين، ربّ ڪريم پنهنجي پاڪيزه ڪلام ۾ پنهنجي محبوب جي طرح طرح سان تعريف بيان فرمائي آهي. ڪٿي تہ ڪيئي ڪيئي آيتن ۾ حضور جي نعت موجود آهي تہ ڪٿي سڄي سورت ئي محبوب جا وصف بيان ڪندي نظر ايندي آهي، ڪٿي محبوب جي قدمن ڪي لڳندڙ خاڪ جو قسم بيان فرمايو آهي تہ ڪٿي محبوب جي مبارڪ شهر جو قسم بيان فرمايو آهي. ڪٿي محبوب سان نسبت رکندڙ شين جي عظمت ۽ بلندي ڪي بيان فرمايو آهي تہ ڪٿي محبوب جي مُبارڪ چهري جو قسم بيان فرمايو، تہ ڪٿي محبوب جي رات جي اونداهي ۾ عبادت ڪرڻ ڪي بيان فرمايو آهي. مطلب تہ سڄو قرآن حضور جي مدح آهي.

سورة والضحيٰ ئي ڪي ڏسي وٺو تہ اها مڪمل سورت ئي حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي تعريف تي مشتمل آهي، خاص ڪري هن جي ابتدائي ٻن آيتن ۾ تہ نهايت ئي نِرالي انداز ۾ مُصطفيٰ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي

مُبارڪ چهري کي چاشت سان ۽ مُبارڪ زلفن کي رات جي تاريڪي سان تشبيہ ڏني آهي. جيئن ربّ ڪريم ارشاد فرمائي ٿو:

وَالضُّحٰی ۙ﴿۱﴾ وَالَّیۡلِ اِذَا سَجٰی ۙ﴿۲﴾
(پ:۳۰، الضحي:۱،۲)

ترجمو ڪنزالايمان: چاشت جو قسم ۽ رات جڏهن پردو ڪري.

هنن آيتن ۾ چاشت ۽ رات جي اونداهي مان ڇا مراد آهي، هن باري ۾ مفسرن ۽ عالم سڳورن جا مختلف قول آهن-

حضرت سَيدنا امام فخر الدين رازي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

”وَالضُّحٰی“ مان مراد آهي نبي اڪرم نورِ مجسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي روشن چهري جو قسم ۽ ”وَالَّيل“ مان مراد آهي نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڪارن زلفن جو قسم. (تفسير ڪبير، ۱۹۱/۱۱ماخوذاً)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! الله پاڪ ڪهڙي پياري انداز ۾ پنهنجي پياري محبوب نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي روشن چهري ۽ خوبصورت زلفن جو قسم بيان فرمايو، صرف اهو ئي نہ بلڪ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ادائن ۽ سندن سان تعلق رکندڙ مختلف شين جو قسم بہ ياد فرمايو آهي. اچو! ملاحظ ڪريو.

الله پاڪ پنهنجي محبوبِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مُبَارَڪ گفتگو جو قسم ياد فرمائيندي ارشاد فرمايو:

وَقِیۡلِہٖ یٰرَبِّ اِنَّ ہٰۤؤُلَآءِ قَوۡمٌ لَّا یُؤۡمِنُوۡنَ ﴿ۘ۸۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: مون کي رسول جي ان چوڻ جو قسم تہ اي منهنجا رب اهي ماڻهو ايمان نہ آڻيندا. (پ۲۵،الزخرف:۸۸)

الله پاڪ پنهنجي محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ عمر جو قسم ياد فرمائيندي ارشاد فرمايو:

لَعَمْرُكَ اِنَّهُمْ لَفِیْ سَكْرَتِهِمْ یَعْمَهُوْنَ ﴿۷۲﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي محبوب توهان جي جان جو قسم بيشڪ هو پنهنجي نشي ۾ ڀٽڪي رهيا آهن. (پ۱۴،الحجر:۷۲)

الله ڪريم پنهنجي محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مقدس شهر جو قسم ياد فرمايو ۽ ارشاد فرمايو:

لَاۤ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: مون کي هن شهر جو قسم. (پ۳۰،البلد:۱)

الله پاڪ نبيءِ بي مثال، سيده آمنہ جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زماني جو قسم ياد فرمائيندي ارشاد فرمايو:

وَ الْعَصْرِ ﴿۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ان محبوب جي زماني جو قسم. (پ۳۰،العصر:۱)

سَيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن طرف اشارو ڪندي فرمائن ٿا:

ہے کلامِ الٰہی میں شَمس و ضُحٰے ترِے چہرۂ نور فزا کی قسم
قسمِ شبِ تار میں راز یہ تھا کہ حبیب کی زُلفِ دوتا کی قسم

(حدائقِ بخشش،ص۸۰)

شعر جي وضاحت: اي منهنجا آقا! قرآن مجيد ۾ شمس و وضحيٰ فرمائي الله

پاڪ اوهان جي چهري انور جو قسم ياد فرمايو آهي ۽ والليل فرمائي اوهان جي سياهہ زلفن جو قسم ياد فرمايو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ''چوڪ درس''

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ پياري آقا، مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت کي بيان ڪيو ويندو آهي، محبتِ رسول جا جام ڀري ڀري پيئاريا ويندا آهن، اوهان بہ پنهنجي دل ۾ محبت جو چراغ روشن ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ۽ 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. 12 مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ ديني ڪم چوڪ درس بہ آهي. چوڪ دَرس مُسَلمانن کي بُرائين کان بچائڻ جو ذريعو آهي ❖ چوڪ دَرس بي نمازين کي نمازي بڻائي ٿو. ❖ چوڪ دَرس مسجدن کان ڀري رهڻ وارن کي مسجدن جي ويجهو ڪري ٿو. ❖ چوڪ دَرس جي بَرَڪت سان نيڪين ۾ رَغبَت پيدا ٿئي ٿي. ❖ چوڪ دَرس جي بَرَڪت سان عَلائقي (Area) ۾ ديني ڪمن جي ڌُوم مچي ويندي آهي. ❖ چوڪ دَرس نمازن جي پابندي جو ذِهن بنائڻ سان گڏوگڏ عِلمِ دِين جون گهڻيون ڳالهيون پهچائڻ جو ذريعو آهي،

لائنز ايريا (بابُ المدينہ ڪراچي) جو هڪ اسلامي ڀاءُ چوڪ درس ۾ شريڪ ٿيو، چوڪ درس ۾ شريڪ ٿيڻ ئي ان جي اِصلاح جو سبب بڻيو. چوڪ درس ۾ شرڪت جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول مليو، چوڪ درس ۾ شرڪت جي برڪت سان تنظيمي ذميداري ملي. چوڪ درس ۾ شرڪت جي برڪت سان سنتِ مصطفيٰ تي عمل يعني عمامو شريف سجائڻ جي سعادت ملي.

تمہیں لُطف آجائے گا زندگی کا قریب آکے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول
نبی کی محبّت میں رونے کا انداز چلے آؤ سکھلائے گا مَدَنی ماحول

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دیگا سِکھا مَدَنی ماحول
سنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ اللہ تم اپنائے رکھوّ سدا مَدَنی ماحول
(وسائلِ بخشش مرمم، ص ۶۴۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ ميلاد! دنيا جو دستور آهي تہ بادشاھ جڏھن پنھنجي درٻارين مان ڪنھن کي پنھنجي عنايتن سان خاص ڪندا آهن تہ ان کي اهڙا خاص انعام عطا ڪندا آهن، جنھن سان ان جي قدر ۽ قيمت هر شخص جي ويجهو وڏي وجي ۽ هو ٻين کان بلڪل ئي ممتاز ۽ جدا ٿي وڃي ۽ اهي ڪمالات ۽ رتبا جيڪي ڪنھن ٻي کي بہ مليا هجن تہ بادشاھ پنھنجي خاص ۽ چونديل درٻارين کي اهو عطا فرمائڻ سان گڏوگڏ ٻين بہ ڪيئي بھترين رُتبن سان سرفراز فرمائيندو آهي اهڙي طرح پروردگارِ عالم اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي تمام مخلوق کان وڌيڪ انعامات ڏئي پنھنجي خاص مھربانين سان مشرف ڪيو ۽ قرآنِ ڪريم ۾ ربّ ڪريم مختلف هنڌ تي مختلف لفظن جي ذريعي پنھنجي حبيب حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ساراھ فرمائي آهي، جيئن

❖ سوره فتح آيت نمبر 29 ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مُحَمَّدٌ رَّسُول الله فرمايو ❖ تہ سورهءِ اٰلِ عمران آيت نمبر 33 ۾ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي "مصطفيٰ" قرار ڏنو ويو. ❖ سوره اٰلِ عمران آيت نمبر179 ۾ "مجتبيٰ" فرمايو ❖ تہ سوره جِنّ آيت نمبر 27 ۾ سندن کي "مرتضيٰ" جي لقب سان ياد ڪيو ويو. ❖ سورهءِ بني اسرائيل آيت نمبر 1 ۾ عبدِ ڪامل ❖ تہ سورهءِ مائده آيت نمبر15 ۾ سندن کي "نور" فرمايو ويو . ❖ سورهءِ نساء آيت نمبر174 ۾ "بُرهان"❖ تہ سورهءِ احزاب آيت نمبر40 ۾ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي "خاتمُ النبيين" فرمايو ويو. ❖ سورهءِ احزاب آيت نمبر45 ۾ "حاضر و ناظر"، "سراج مُنير" ۽ داعي اِلَي الله (يعني الله پاڪ ڏانهن سڏيندڙ) فرمايو ويو. ❖ سورهءِ يٰس آيت نمبر1 ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي "يٰس" ❖ تہ سورهءِ طٰہ آيت نمبر1 ۾ طٰهٰ فرمايو ويو. ❖ سوره بقره آيت

نمبر119 ۾ **بشير** (خوشخبري ٻڌائڻ وارو) ۽ "**نذير**" (ڊيڄاريندڙ) فرمايو ويو آهي. ❖ سوره مُزّمّل آيت نمبر1 ۾ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي "**مُزَّمّل**" ❖ ته سورهءِ مُدّثّر آيت نمبر1 ۾ **مُدَّثّر** فرمايو ويو آهي. ❖ سورهءِ اٰلِ عمران آيت نمبر 164 ۾ **الله** پاڪ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي مومنن تي پنهنجو "**احسان**" قرار ڏنو ❖ ته سورهءِ انبياءآيت نمبر 107 ۾ سندن کي تمام عالمين جي لاءِ "**رَحمَت**" قرار ڏنو. ❖ سورهءِ قلم آيت نمبر4 ۾ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي "**صاحبِ خُلُقِ عظيم**" فرمايو ❖ ته سورهءِ بني اسرائيل آيت نمبر1 ۾ **صاحبِ معراج** فرمايو ويو. ❖ سورهءِ بقره آيت نمبر 129 ۾ "**دعاءِ ابراهيمي**"❖ ته سورهءِ صف آيت نمبر 6 ۾ " **بشارتِ عيسيٰ**" فرمايو ويو. ❖ سورهءِ ڪوثر آيت نمبر1 ۾ "**صاحبِ ڪوثر**" ❖ ته سورهءِ بني اسرائيل آيت نمبر79 ۾ "**صاحبِ مقامِ محمود**" قرار ڏنو ويو.

**اعليٰ حضرت** رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْہ ڪيڏو نه خوب فرمائن ٿا:

اللہ کی سر تا بقدم شان ہیں یہ
اِن سا نہیں انسان وہ انسان ہیں یہ
قرآن تو ایمان بتاتا ہے انہیں
اور ایمان یہ کہتا ہے مری جان ہیں یہ

(حدائقِ بخشش، ص۲۳۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآن ۾ مدحتِ مُصطفيٰ

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته قرآن ڪريم ۾ خود ربّ ڪريم پنهنجي محبوب جي ساراهه فرمائي رهيو آهي، پنهنجي محبوب جا اوصاف، شان وعظمت ۽ خصوصيات کي پنهنجي پاڪيزه ڪلام ۾ بيان فرمائي رهيو آهي.

اي عاشقانِ رسول! جنهن جي تعريف پاڻ ان جو رب ڪري ته ڪنهن انسان

جي وس جي ڳالهه ناهي تہ الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعريف جو حق ادا ڪري سگهي. اعلٰي حضرت ڪيڏو نہ خوب فرمايو آهي:

*تجھ سے کب ممکن ہے پھر مدحت رسول اللہ کی ‏ ‏ اے رضاؔ خود صاحبِ قرآں ہے مدّاحِ حضور*

**مختصر وضاحت:** هن شعر ۾ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ کي مخاطب ٿيندي فرمائن ٿا تہ اي احمد رضا! تُون جيتري بہ پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعريف ڪرين، پر توڪان ان جو حق ادا نہ ٿئي سگهندو. ڇوتہ ان جو رب ئي ان جي تعريف فرمائي ٿو تہ ٻيو ڪير ڪيئن ٿو ان جي ثناخواني جو حق ادا ڪري سگهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! ‏ ‏ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پياري آقا، مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ شان، فضيلتون ۽ خصوصيتون بزبانِ قرآن بڌي رهيا آهيون، يقيناً اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان تہ بي مثال آهي، يقيناً جنهن ذاتِ بابرڪات تي الله پاڪ جو فضلِ عظيم هجي ان جي فضيلت ڪير شمار ڪري سگهي ٿو؟ حضرت امام قاضي عياض مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **"شفاء شريف"** ۾ ارشاد فرمائن ٿا: حَارَتِ الْعُقُولُ فِي تَقْدِيرِ فَضْلِهٖ عَلَيْهِ وَخَرِسَتِ الْأَلْسُنُ، يعني الله ڪريم جو جيڪو فضل حضور عَلَيْهِ السَّلَام تي آهي، ان جو اندازو لڳائڻ ڪان عقل حيران آهن ۽ زبانون عاجز آهن. (الشفاء بتعريف حقوق المصطفي، ١/ ١٠٣)

اعليٰ حضرت امام احمدرضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

*سَرْوَر کہوں کہ مالک و مولیٰ کہوں تجھے*
*باغِ خلیل کا گُلِ زَیبا کہوں تجھے*
*تیرے تو وَصفِ عیبِ تناہی سے ہیں بَری*
*حیراں ہوں میرے شاہ میں کیا کیا کہوں تجھے*

کہہ لے گی سب کچھ اُن کے ثنا خواں کی خامُشی
چُپ ہو رہا ہے کہہ کے میں کیا کیا کہوں تجھے
لیکن رضا نے ختم سخن اس پہ کر دیا
خالق کا بندہ خلق کا آقا کہوں تجھے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيانات ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا پاسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي صحبت جو هڪ بهترين ذريعو عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃڻ بہ آهي، الله پاڪ هر دور ۾ اُمتِ محبوب کي اهڙيون باڪمال هستيون عطا فرمايون آهن جن نہ صرف پاڻ نيڪي جو حڪم ۽ برائي کان منع ڪرڻ جو مقدس فريضو احسن انداز ۾ ادا ڪيو بلڪ مسلمانن کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جو ذهن ڏنو. انهن مان هڪ هستي شيخ طريقت، اميراهلسنت حضرت علامہ مولانا محمدالياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه بہ آهن. ڪين اخلاص جي بدولت سان وڏي تيزي سان ماڻهو هن مدني تحريڪ جو حصو بڻجندا پيا وڃن. الحمدللّٰہ ڪروڙين ماڻهو اميراهلسنت جي فيضان سان فيضياب ٿئي رهيا آهن. اميراهلسنت جي نيڪي جي دعوت جي انهيءَ مقدس جذبي جي تحت دعوتِ اسلامي جي"آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ" موبائل استعمال ڪرڻ وارن جي لا مختلف موبائل ايپليڪيشنون ناهيون آهي جن ۾ مختلف طريقن سان امت مسلمہ جي رهنمائي ڪئي وئي آهي، انهن ايپليڪيشنز مان بيانن جي هڪ ايپليڪيشن"Islamic Speeches " بہ آهي. هن ايپليڪشن ۾ مختلف موضوعن تي بيان موجود آهن. هن ايپليڪيشن مان اسلامي ڀائرن سان گڏوگڏ اسلامي ڀينرون بہ فائدو وٺي سگهن ٿيون. خاص طور تي اها ايپليڪيشن امام و خطيب حضرات جي لاءِ انمول تحفو آهي، ڇوتہ هن

۾ مختلف موضوعن تي تيار ٿيل بيان تحريري صورت ۾ موجود آهن. اڄ ئي هن ايپليڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري پنهنجي موبائل جي زينت بڻايو.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَن تَمَسَّكَ بِسُنَّتِي عِندَ فَسَادِ أُمَّتِي فَلَهُ اَجرُ مِائَةِ شَهِيدٍ يعني اُمت جي فساد جي وقت جيڪو شخص منهنجي سنت تي مضبوطي سان عمل ڪندو ان کي سؤ شهيدن جو ثواب عطا ڪيو ويندو.[1]

ہر کام شریعت کے مطابِق میں کروں کاش!　　یارب تو مبلغ مجھے سُنّت کا بنا دے[2]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”قناعت“ سنتِ مصطفيٰ آهي:

۽ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ (1) جنهن ايمان آندو، بقدرِ ڪفايت رزق ڏنو ويو ۽ اُن الله پاڪ جي ڏنل تي قناعت ڪئي بيشڪ اهو ڪامياب ٿيو. (مسلم، زکوٰۃ کی کتاب، قناعت کا باب، صفحہ:376، حدیث:1054) (2): اي ابوهريره! قناعت اختيار ڪيو سڀ کان وڏا شڪر گذار بڻجي ويندؤ. (ابن ماجہ، زُہد کی کتاب، ورع و تقویٰ کا باب،صفحہ:684، حدیث:4217ملتقطًا)

اي عاشقانِ رسول! قناعت سُنتِ مصطفيٰ آهي. قناعت جي معنيٰ آهي: جيترو ملي اُن تي راضي رهڻ، گهڻي جي خواهش نہ ڪرڻ. ❖ اسان جي پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي جيڪو ڪجهه ملندو هو خوشي سان کائيندا هئا. ❖ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن بہ کاڌي مان عيب نہ ڪڍيو. ❖ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ

[1]... زُہد کبیر، صفحہ:118، حدیث207۔

[2]... وسائل بخشش، صفحہ:115۔

عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **کڏهن لذيذ ۽ پُرتکلف کاڌن جي خواهش نہ کئي.** ❖ رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **مال ۽ دولت جي خواهش ڪونہ رکندا هئا.**
پيارا اسلامي ڀائرو! سنت مصطفيٰ تي عمل ڪيو، قناعت اختيار ڪيو. ❖ قناعت ايمان جو ڪمال آهي، اسلام جو حسن آهي. ❖ قناعت ڪرڻ وارو پاڻ کي دنيا کان بچائي ٿو، آخرت جي راهہ تي هلندو آهي. ❖ قناعت ڪرڻ وارو الله پاڪ جو محبوب آهي. ❖ قناعت ڪرڻ واري کان ماڻهو بہ محبت ڪندا آهن. (نضرة النعيم، جلد:8، صفحہ:3175). ❖ امام شافعي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ **فرمائن ٿا: قناعت مالداري جي اصل آهي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151 ملخصًا

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] …القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[3] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللہُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

### ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللہُ تَعَالٰى عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللہُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

### ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللہُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1...القول البديع، الباب الاول، ص125

2... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305